# خوش قسمت ڪير؟

26-September-2019



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# خوش قسمت ڪير؟

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

پياري آقا، مديني واري مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: اي انسانو! بيشڪ بروزِ قيامت ان جي دهشتن (يعني گهٻراهٽن) ۽ حساب ڪتاب کان جلد نجات ماڻڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن مون تي دُنيا ۾ ڪثرت سان دُرود شريف پڙهيا هوندا.“ (اَلۡفِردَوس بِماۡثور الۡخِطاب، ۵/۲۷۷ حديث:۸۱۷۵)

سُرُور رهتا هے کيف دَوام رهتا هے    لبوں په ميرے دُرُود و سلام رهتا هے
بَری هيں نارِ جهنّم سے وه خُدا کی قسم !    که جن کو ذِکر محمد سے کام رهتا هے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ هڪ موضوع تي اهم گفتگو ڪئي ويندي آهي ۽ اهو موضوع آهي **خوش قسمت ڪير آهي؟** (Who is fortunate?) اڄ هر هڪ پنهنجي پنهنجي سوچ مطابق خوش قسمتي جا ڪجھ معيار ٺاهي رکيا آهن، **ڪو چوي ٿو** جنهن وٽ وڏي بهترين گاڏي آهي اهو وڏو خوش قسمت آهي، **ڪو چوي ٿو** جنهن وٽ دولت جي ڪثرت آهي اهو وڏو خوش قسمت آهي. **ڪو چوي ٿو** جنهن جو گهر وڏو خوبصورت آهي اهو وڏو خوش قسمت آهي، **ڪو چوي ٿو** جنهن جا وڏن وڏن ماڻهن سان رابطا آهن اهو وڏو خوش قسمت آهي .**ڪو چوي ٿو** جنهن جي هڪ ڪال تي ڪم ٿي ويندو آهي اهو وڏو خوش قسمت

آهي. تہ ڪو چوي ٿو جيڪو ٻاهرين ملڪ رهي ٿو اهو وڏو خوش قسمت آهي. اَلغَرَض! جيترا منهن ايتريون ڳالهيون، هر هڪ وٽ خوش قسمتي جو معيار جُدا آهي، اڄ اسان قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ جن ماڻهن کي اسان خوش قسمت سمجهون ٿا، **ڇا اهي ئي ماڻهو خوش قسمت آهن يا حقيقت ڪجهہ ٻي آهي؟** اي ڪاش جو اسان کي سچو بيان ٻڌڻ نصيب ٿي وڃي.

اچو! "**خوش قسمت ڪير**" بابت هڪ حديثِ مُبارڪ ٻڌون ٿا:

## مال ۽ دولت ۽ اولاد جي حقيقت

هڪ ڏينهن نبي ڪريم، رؤف ورحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي فرمايائون: ڇا توهان کي خبر آهي تہ توهان جي ۽ توهان جي اهل وعيال (Family)، مال ۽ عملن جو مثال ڪهڙو آهي؟ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: اَللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم يعني اللّٰہ ۽ ان جو رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بهتر ڄاڻن ٿا. تہ پياري آقا، مديني واري مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: توهان جو، توهان جي اهل وعيال، مال ۽ عملن جو مثال ان شخص جيان آهي، جنهن جا ٽي يائر هجن، جڏهن ان جي موت جو وقت ويجهو اچي تہ هو پنهنجي ٽنهي يائرن کي گهرائي ۽ هڪ کي چوي: تون منهنجي حالت ڏسي رهيو آهين، اهو ٻڌاءِ تہ تون منهنجي لاءِ ڇا ڪري سگهين ٿو؟ هو جواب ڏي: مان توهان جي لاءِ ايترو ڪري سگهان ٿو تہ توهان جي سار سنڀار لهان، توهان سان گڏ رهي تنهنجي حاجتن ۽ ضرورتن کي پورو ڪيان، پوءِ جڏهن توهان جو انتقال ٿي وڃي تہ توهان کي غسل ڏئي ڪفن پارايان ۽ ماڻهن سان گڏ ملي تنهنجو جنازو کڻان تہ ڪڏهن مان ڪلهو ڏيان ۽ ڪڏهن ٻيو شخص، جڏهن (تو کي دفن ڪري) واپس اچان تہ جيڪو بہ تنهنجي باري ۾ پڇي ان جي اڳيان تنهنجي ڀلائي ئي بيان ڪيان. نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايائون: اهو ڀاءُ حقيقت ۾ ان شخص جو **اهل و عيال آهي.** اهو فرمائڻ کان پوءِ نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَروَر صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کان پڇا ڪيائون: ان جي باري

۾ توهان جو ڇا خيال آهي؟ تہ عرض ڪيائون: اسان ان ۾ ڪا ڀلائي نٿا ڏسون. ان کان پوءِ ارشاد فرمايائون: پوءِ هو پنهنجي ٻي ڀاءُ کي چوي: توهان بہ منهنجي حالت ڏسي رهيا آهيو، توهان منهنجي لاءِ ڇا ڪري سگهو ٿا؟ تہ هو جواب ۾ چوي: مان ان وقت تائين توهان جو ساٿ ڏيندس جيستائين توهان زنده آهيو، جيئن توهان دنيا مان موڪلائيندؤ تہ اسان جون راهون جدا جدا ٿي وينديون چوتہ توهان قبر ۾ پهچي ويندؤ ۽ مان هتي دنيا ۾ رهجي ويندس. (نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون:) **اهو ڀاءُ اصل ۾ ان شخص جو مال آهي،** ان جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي. عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! اسان ان کي بہ سنو نٿا سمجهون. پوءِ حضور نبي ڪريم، رؤف و رحيم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشادفرمايائون: اهو شخص پنهنجي ٽئين ڀاءُ کي چوي: يقيناً توهان بہ منهنجي حالت ڏسي رهيا آهيو ۽ توهان منهنجي اهل و عيال ۽ مال جو جواب بہ ڏٺي ورتو آهي، ٻڌايو! توهان منهنجي لاءِ ڇا ڪري سگهو ٿا؟ هو ان کي تسلي ڏيندي چوي: منهنجا ڀاءُ، مان تہ قبر ۾ بہ تون سان گڏ رهندس ۽ توهان کي وحشت کان بچائيندس ۽ جڏهن حساب جو ڏينهن ايندو تہ مان تنهنجي ميزان ۾ وجي ويهندس ۽ ان کي وزن دار ڪندس. (حضور نبي ڪريم، روف و رحيم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايائون:) **هي ان جو** (نيڪ) **عمل آهي،** ان جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي؟ عرض ڪيائين: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! اهو تہ تمام سنو دوست آهي، حضور نبي رحمت، شفيع اُمّت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايائون: **اها ئي حقيقت** (Reality) آهي. (ڪنزالعمّال،حرف الميم، ڪتاب الموت،قسم الافعال،ذيل الموت،٨ /٣١٨، الجزء: ١٥، حديث:٤٢٩٧٤)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اڄ ٻن شين کي وڏي اهميت ڏني ويندي آهي، **هڪ خاندان، ۽ ٻيو مال و دولت.** غور ڪريو! اڄ **جنهن خاندان** سبب انسان جي آڪڙ ختم ناهي ٿيندي، سني خاندان مان هئڻ جي ڪري فخروغرور ڪندو آهي، **جنهن خاندان** جي لاءِ انسان سڄي زندگي دولت ڪمائڻ جي لاءِ پنهنجي زندگي داؤ تي لڳائيندو آهي، **جنهن خاندان** جي لاءِ تڪليفون ۽ مصيبتون سهندو آهي،

**جنهن خاندان** جي خاطر ماڻهن جا طعنا برداشت ڪندو آهي، **جنهن خاندان جي** خاطر پنهنجي زندگي کي بي آرام ڪندو آهي، **جنهن خاندان** جي خاطر سرديءَ ۽ گرميءَ کي برداشت ڪندو آهي، **جنهن خاندان** جي مستقبل کي بنائڻ جي لاءِ پنهنجو مستقبل داؤ تي لڳايو ويندو آهي، اهي صرف قبرستان تائين ئي گڏ هلندا.

۽ **پيو اهو مال** جنهن سان انسان وڏي محبت ڪندو آهي، **اهو مال** جنهن کي دنيا ۾ گهڻو سنڀالي سنڀالي رکندو آهي، **اهو مال** جنهن جي خاطر راتين جون ننڊون قربان ڪندو آهي، **اهو مال** جنهن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ حلال و حرام جي تميز وساري ڇڏيندو آهي، **اهو مال** جيڪو ماڻهن کي ڏوڪو ڏئي ڪمائيندو آهي، **اهو مال** جنهن جي خاطر گهروارن کي ڇڏي پري پري سفر ڪيو ويندو آهي، **اهو مال** جنهن کي گڏ ڪرڻ جا ڪيئي طريقا سوچيا ويندا آهن، **اهو مال** جنهن کي گڏ ڪرڻ جي لاءِ **ويسيون** (ڪميٽيون) **پريون** ويندیون آهن، **اهو مال** صرف مرڻ تائين ئي گڏ رهندو، جيئن ئي انتقال ٿيندو، سڀ مال ودولت، **جائيداد** (Property) وغيره گهرواري، ٻار ۽ ٻيڻ ٻائر مٿ مائٿ ٻاڻ ۾ ورهائي ڇڏيندا.

ياد رکو! ٻارن ٻچن جي سٺي تربيت ۽ انهن جي حقن جي ادائيگي جي لاءِ انهن سان گڏ مشغول رهڻ ۽ پنهنجي لاءِ، پنهنجي ٻارن ٻچن جي لاءِ ۽ جن جي ڪفالت انسان تي واجب آهي، انهن جي لاءِ ضرورت موجب رزقِ حلال جي پيچ ڊوڙ ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي، پر اولاد ۽ فيملي جي محبت ۾ مبتلا ٿي پنهنجي ربّ ڪريم کي وساري ويهڻ، اولاد جي ڪري فخروتڪبر ڪرڻ ۽ ضرورت کان وڌيڪ ڪثرتِ مال جي جستجو جاري رکڻ نه صرف بُرو آهي بلڪ انسان جي اُخروي سعادتن کان محرومي جو سبب به آهي، جيئن

ربّ ڪريم سيپاري 27 سُوره حديد آيت نمبر 20 ۾ ارشاد آهي:

اِعۡلَمُوۡۤا اَنَّمَا الۡحَیٰوۃُ الدُّنۡیَا لَعِبٌ وَّ لَہۡوٌ وَّ زِیۡنَۃٌ وَّ تَفَاخُرٌۢ بَیۡنَکُمۡ وَ تَکَاثُرٌ فِی الۡاَمۡوَالِ وَ الۡاَوۡلَادِ ؕ (پ۲۷،الحديد:۲۰)

ترجموڪنز الايمان: يقين ڄاڻو تہ دنيا جي زندگي تہ فقط راند روند ئي آهي ۽ سينگار ۽ توهان جو هڪٻئي ۾ فخر ڪرڻ ۽ مال ۽ اولاد ۾ هڪ ٻي تي زيادتي جي خواهش ڪرڻ

هن آيت سڳوري جي آخر ۾ ارشاد فرمايو ويو:

وَمَا الۡحَیٰوۃُ الدُّنۡیَاۤ اِلَّا مَتَاعُ الۡغُرُوۡرِ ﴿۲۰﴾ (پ۲۷،الحديد:۲۰)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ دنيا جي حياتي تہ نہ آهي مگر دوکي جو مال

تفسيرِ صِراطُ الجِنَان ۾ آهي تہ دنيا جي زندگي پاڻ ۾ فَخر ۽ غرور ڪرڻ ۽ مال ۽ اولاد ۾ هڪ ٻئي تي زيادتي چاهڻ جو نالو آهي ۽ جڏهن دنيا جو هي حال آهي ۽ ان ۾ اهڙيون بُرائيون موجود آهن تہ ان ۾ دل لڳائڻ ۽ ان جي حصول جي ڪوشش ڪندي رهڻ بدران انهن ڪمن ۾ مشغول ٿيڻ گهرجي، جن سان اُخروي زندگي سَنورجي سگهي ٿي. (صراط الجنان،۹/۷۴۱)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! شروع ۾ بيان ڪيل حڪايت ۽ هن آيت سڳوري مان معلوم ٿيو تہ خاندان، اولاد ۽ مال و دولت فقط دنيا ئي ۾ ڪم ايندا آهن، خاندان، اولاد تہ صرف قبرستان تائين گڏ ويندا آهن، خاندان اولاد ۽ مال ودولت ڪفن دفن ۾ ڪم ايندا آهن جڏهن تہ نيڪ عمل قبر ۾ بہ ڪم ايندا آهن. خاندان، اولاد، مال ۽ دولت تہ مرڻ کان پوءِ ساٿ ڇڏي ڏيندا آهن جڏهن تہ نيڪ عملَ قبر ۾ بہ اڪيلو نٿا ڇڏين، تنهنڪري عقلمند انسان کي گهرجي تہ هو مال وڌيڪ هئڻ جو حرص ڪرڻ ۽ پنهنجي اولاد تي فخروغرور ڪرڻ جي بدران نيڪ عملن ۾ اضافي جي لاءِ ڪوشش ڪندو رهي ڇوتہ نيڪ عملن جا تمام گهڻا فائدا آهن، مثال طور

❖ **نيڪ عملن** جي برڪت سان اللّٰه پاڪ جي رِضا حاصل ٿيندي آهي. ❖

**نيڪ عملن** جي برڪت سان جنّت جون لازوال نعمتون نصيب ٿينديون آهن. ❖ **نيڪ عملن** جي برڪت سان قبر ۽ حشر جي عذاب کان نجات ملندي آهي. ❖ **نيڪ عمل** گُناهن جي مغفرت جو ذريعو آهن. ❖ **نيڪ عمل** رحمتِ الٰهي جي نازل ٿيڻ جو سبب آهن. ❖ **نيڪ عملن** جو الله پاڪ دنيا ۽ آخرت ۾ سنو بدلو عطا ڪندو آهي. ❖ **نيڪ عمل** قبر ۾ سني سني ۽ پياري شڪل اِختيار ڪري ايندا. ❖ **نيڪ عمل** قبر ۾ راحت ۽ سڪون جو سبب بڻجندا. ❖ **نيڪ عملن** جي ڪري ماڻهن ۾ انسان جي نيڪ نامي ٿيندي آهي. ❖ **نيڪ عملن** جي ڪري عمر ۾ اضافو ٿيندو آهي. ❖ **نيڪ عمل** دُنيا ۽ آخرت ۾ سلامتي ۽ نجات جو سبب آهن. ❖ **نيڪ عمل** حشر تائين انسان سان گڏ رهندا. ❖ **نيڪ عمل** ميدانِ محشر جي هولناڪين کان بچائيندا. ❖ **نيڪ عمل** ميزانِ عمل تي ڪم ايندا. ❖ **نيڪ عمل** پُل صراط تي گذرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا. ❖ **نيڪ عمل** انسان جي جنت ۾ داخلي ۽ درجا بلند ٿيڻ جو ذريعو بڻجندا.

## حقيقي خوش قسمت ڪير؟

اي عاشقانِ رسول! هاڻي پنهنجي پاڻ کان سوال ڪريو ۽ سوچيو تہ حقيقت ۾ **خوش قسمت ڪير آهي؟** وڏي خاندان وارو خوش قسمت آهي؟ مال ودولت جي ڪثرت وارو خوش قسمت آهي يا وري نيڪ عملن جي ڪثرت ڪري قبر ۾ وڃڻ وارو خوش قسمت آهي؟ تہ هر عقلمند هن سوال جي جواب ۾ بلڪل اهو ئي چوندو تہ **نيڪ عمل ڪرڻ وارا ئي خوش قسمت آهن.**

حقيقي خوش قسمت ڪير؟ حقيقي معني ۾ ڪاميابي ڪنهن کي ملندي؟ اچو! هن ڳالهہ کي سمجهڻ جي لاءِ قرآنِ ڪريم جون 2 آيتون ٻڌون ٿا، جيئن الله پاڪ پنهنجي پاڪيزه ڪلام ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ مَنۡ یُّطِعِ اللّٰہَ وَ رَسُوۡلَہٗ یُدۡخِلۡہُ جَنّٰتٍ تَجۡرِیۡ مِنۡ تَحۡتِہَا الۡاَنۡہٰرُ خٰلِدِیۡنَ فِیۡہَا ؕ وَ ذٰلِکَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِیۡمُ ﴿۱۳﴾ (پ۴،النساء:۱۳)

تَرجمو ڪنز الايمان: ۽ جيڪو حڪم مڃي الله ۽ الله جي رسول جو الله ان کي باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون جاري آهن، هميشه ان ۾ رهندا ۽ اها ئي وڏي ڪاميابي آهي،

هڪ ٻي هنڌ تي فرمانِ خداوندي آهي:

فَمَنۡ زُحۡزِحَ عَنِ النَّارِ وَ اُدۡخِلَ الۡجَنَّۃَ فَقَدۡ فَازَ ؕ (پ۴،آل عمران:۱۸۵)

ترجمو ڪنز الايمان: جيڪو باهہ کان بچائي بهشت ۾ داخل ڪيو ويو سو مراد کي پهتو.

هن آيت سڳوري تحت تفسير صِراطُ الجِنَان ۾ آهي: معلوم ٿيو تہ قيامت ۾ حقيقي ڪاميابي اها آهي تہ ٻانهي کي جهنم کان نجات ڏئي جنت ۾ داخل ڪيو وڃي، جڏهن تہ دنيا ۾ ڪاميابي في نَفسِہٖ ڪاميابي تہ آهي پر جيڪڏهن اها ڪاميابي آخرت ۾ نقصان پهچائڻ واري آهي تہ حقيقت ۾ اهو نقصان آهي ۽ خاص ڪري اهي ماڻهو جيڪي دنيا جي ڪاميابي جي لاءِ سڀ ڪجهہ ڪن ۽ آخرت جي ڪاميابي جي لاءِ ڪجهہ نہ ڪن اهي تہ يقيناً نقصان ئي ۾ آهن. لهٰذا هر مسلمان کي گهرجي تہ هو اهڙن عملن ڏانهن گهڻو ڌيان ڏي ۽ انهن جي لاءِ گهڻي ڪوشش ڪري جن سان ان کي حقيقي ڪاميابي نصيب ٿي سگهي ٿي ۽ ان عملن کان بچي جيڪي ان جي حقيقي ڪاميابي جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجي سگهن ٿا. (تفسيرصراطُ الجنان،پ۴، آل عمران،الآية:۱۸۵، ۲/ ۱۱۲ )

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي صحيح معني ۾ خوش قسمت اهو ئي آهي جيڪو جهنم کان بچي وڃي. حقيقي خوش قسمت اهو ئي آهي جيڪو جنت جي عاليشان باغن ۾ پهچي وڃي، حقيقي خوش نصيب اهو ئي آهي جيڪو پنهنجو ايمان دنيا کان سلامت کڻي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي. سوچيو تہ سهي

تہ جيڪو خوش نصيب پنهنجو ايمان دنيا کان سلامت کڻي ويو، هاڻي شيطان کان ان کي ڪو خطرو نہ آهي. ربّ چاهيو تہ قبر ۾ بہ ان جي لاءِ آسانيون ٿينديون. ربّ چاهيو تہ سڀاڻي محشر جي ڏينهن بہ اهو امن ۾ هوندو. ربّ چاهيو تہ پُل صراط کان گذرڻ بہ ان جي لاءِ سولو ٿي ويندو. ربّ چاهيو تہ هو جهنم کان هميشہ جي لاءِ بچي جنت ۾ هليو ويندو. ۽ اهو سڀ ڪجھ ان ڪري ٿيندو جو هو خوش نصيب پنهنجو ايمان دنيا کان سلامت کڻي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. اسان کي گهرجي تہ اسان بہ پنهنجي ايمان جي سلامتي جو فڪر ڪريون. ياد رکو! گناهن جي ڪثرت کي بُري خاتمي جي سببن مان بيان ڪيو ويو آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ گناهن کان بچون ۽ نيڪ عملن جي ڪثرت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون ۽ اسان بہ خوش قسمت ماڻهن ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ ڪوشش ڪريون، ڇوتہ ❖ **خوش قسمت تہ اهي آهن** جيڪي موت کان پهريان موت جي تياري ڪندا آهن. ❖ **خوش قسمت تہ اهي آهن** جن سان انهن جو ربّ راضي آهي. ❖ **خوش قسمت تہ اهي آهن** جن کي قبر ۾ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سڄاڻپ نصيب ٿيندي. ❖ **خوش قسمت تہ اهي آهن** جن کي بروزِ قيامت اللّٰه ڪريم جي رحمت نصيب ٿيندي. ❖ **خوش قسمت تہ اهي آهن** جن کي اعمال نامو ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو. ❖ **خوش قسمت تہ اهي آهن** جن کي قيامت جي ڏينهن حساب وڪتاب جو خوف نہ ٿيندو. ❖ **خوش قسمت تہ اهي آهن** جن کي حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت نصيب ٿيندي. ❖ **خوش قسمت تہ اهي آهن** جن جون قبرون جنّتي باغ ٿينديون. ❖ **خوش قسمت تہ اهي آهن** جن جون قبرون نورِ مصطفٰي سان روشن ٿينديون. ❖ **خوش قسمت تہ اهي آهن** جن کي جنت جون نعمتون حاصل ٿينديون. ❖ **خوش قسمت تہ اهي آهن** جن کي ايمان جي سلامتي نصيب ٿيندي. اچو! گڏجي ربّ ڪريم جي بارگاھ ۾ دُعا گهرون ٿا.

مِرے دل سے دنیا کی چاہت مٹا کر — کَر اُلفت میں اپنی فنا یا الٰہی

مِرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو — کر اِخلاص ایسا عطا یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! **خوش قسمت ڪير؟** اسان ان جي باري ۾ ٻڌي رهيا آهيون، اڄڪلهه جهڙي طرح مال ۽ دولت وارن کي خوش قسمت سمجهيو ويندو آهي، اهڙي طرح مختلف دنياوي شين ۽ ڪريمن ۽ لوشن کان پنهنجي چهرن کي خوبصورت، تروتازه ۽ حسين و جميل رکڻ وارن کي به خوش قسمت سمجهيو ويندو آهي، پر حقيقي طور تي ته خوش قسمت اهي آهن جن جا چهرا قيامت جي ڏينهن خوبصورت هوندا، خوش قسمت ته اهي آهن جن جا چهرا بروزِ قيامت چمڪندڙ ڏمڪندڙ هوندا، خوش قسمت ته اهي آهن جن کي قيامت جي ڏينهن نور عطا ڪيو ويندو، خوش قسمت ته اهي آهن جن جي چهرن کي پري کان ڏسي ماڻهو سجاڳي وٺندا، خوش قسمت ته اهي آهن جن جي حسين و جميل چهرن کي ڏسي جنّتي به رشڪ ڪندا، خوش قسمت ته اهي چهري وارا آهن جيڪي جنت ۾ عمده باغن ۽ عظيمُ الشّان نعمتون ملڻ تي خوشي ملهائي رهيا هوندا، اهڙن ئي ماڻهن جي باري ۾ سيپاري 30 سُوره غَاشِيہ آيت نمبر 8 کان 10 ۾ ربّ ڪريم ارشاد فرمائي ٿو:

وُجُوۡهٌ يَّوۡمَئِذٍ نَّاعِمَةٌ ۙ﴿۸﴾ لِّسَعۡيِهَا رَاضِيَةٌ ۙ﴿۹﴾ فِيۡ جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ﴿۱۰﴾

ترجمو ڪنز الايمان: ڪيترائي منهن ان ڏينهن سڪون ۾ آهن. پنهنجي ڪوشش تي راضي. بلند باغ ۾.

تفسير صراطُ الجِنان ۾ انهن آيتن جي تحت بيان آهي ته هن مان مراد اهو آهي ته قيامت ۾ پرهيز گار مومن چين ۾ هوندا، انهن کي نه سج جي گرمي ستائيندي، نه زمين جي تپش، نه انهن کي خوف ٿيندو، نه غم، نه ربِّ ڪريم جو عتاب ٿيندو، نه ملائڪن جي لعن طعن، نه قيامت جي گهبراهٽ، ڇوته اهي حضرات دنيا ۾ ربِّ ڪريم جي خوف کان بي چين رهيا ۽ دنيا ۾ خوفِ خدا جي بي چيني قيامت جي ڏينهن چين جو ذريعو آهي ۽ قيامت جي ڏينهن جڏهن مسلمان پنهنجو مرتبو ۽ ثواب ڏسندا ته اهو دنيا ۾ ڪئي ويندڙ پنهنجي نيڪ عملن تي راضي ۽ خوش ٿيندا. ۽ حقيقتاً نيڪين تي خوش ٿيڻ جو وقت به

قيامت ئي جو ڏينهن آهي، چوته پنهنجي انجام جي خبر ناهي، لهٰذا جڏهن محشر ۾ عمل جي مقبوليت ڏسندا ته خوش ٿيندا ائين ئي مومن جا نيڪ عمل نهايت چڱي شڪلن ۾ انهن سان گڏ هوندا، جن کي ڏسي انهن کي دلي خوشي ٿيندي. (صراط الجنان،١٠/٦٤٩)

نورآنکھوں میں تو چہروں پہ اُجالے ہوں گے مصطفےٰ والوں کے انداز نرالے ہوں گے
جنّتی وہ ہے جنہیں اُن کی شفاعت پہ یقین اور جو منکر ہیں وہ دوزخ کے حوالے ہوں گے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اهي خوش قسمت ماڻهو ڪير آهن؟** جن جا چهرا بروزِ قيامت چنڊ جيان چمڪندا هوندا، انهن تي رحمتِ الٰهي جي برسات ٿي رهي هوندي، ماڻهو حساب ۽ ڪتاب جي سختين ۾ مبتلا هوندا ۽ اهي ماڻهو الله ڪريم جي ڇانو ۾ هوندا، انهن کي ڪنهن قسم جو نه ڪو خوف هوندو ۽ نه وري غم هوندو، اچو! ٻڌون ٿا:

## روشن چهري وارا

حضرت سيدُنا ابو ادريس خولاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرت سيدُنا معاذ بن جبل رَضِیَ اللهُ عَنْه کي عرض ڪيو: مان الله پاڪ جي رضا جي لاءِ اوهان سان محبت ڪيان ٿو. حضرت سيدنا معاذ بن جبل رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمايو: توهان کي مبارڪ هجي، مون نبي بي مثال، سيده آمنه جي لال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ارشاد فرمائيندي ٻڌو: قيامت جي ڏينهن ڪجهه ماڻهن جي لاءِ عرش جي چوڌاري ڪرسيون لڳايون وينديون، انهن جا چهرا چوڏهين جي چنڊ جيان چمڪدار هوندا، ماڻهو گهبراهٽ (Confusion) جو شڪار هوندا جڏهن ته انهن کي ڪا پريشاني نه هوندي، ماڻهو خوفزده هوندا انهن کي ڪوئي خوف نه هوندو، هو ربّ ڪريم جا دوست آهن جن تي نه ڪو انديشو آهي نه ڪجهه غم. عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ

واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اهي ماڻهو ڪير آهن؟ ارشادفرمايائون: هُمُ الْمُتَحَابُّوْنَ فِی اللّٰہِ يعني الله ڪريم جي رِضا جي لاءِ پاڻ ۾ محبت ڪرڻ وارا. (قوت القلوب،الفصل الرابع و الاربعون في ڪتاب الاخوة في الله تبارڪ و تعالي الخ،٢/٣٦۴)

اي عاشقانِ رسول! ڪيترا خوش قسمت آهن اهي ماڻهو جيڪي صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ هڪ ٻئي سان محبت ڪن ٿا، ڪيترا خوش قسمت آهن اهي ماڻهو جيڪي رڳو ربّ ڪريم جي رضا جي لاءِ هڪ ٻئي سان ملاقات ڪن ٿا، ڪيترا خوش قسمت آهن اهي ماڻهو جيڪي صرف رضاءِ الٰهي جي لاءِ ٻين کي نيڪي جي دعوت ڏين ٿا، ڪيترا خوش قسمت آهن اهي ماڻهو جيڪي رضاءِ الٰهي جي لاءِ ٻين کي گناهن کان بچڻ جي ترغيب ڏيارين ٿا، پر افسوس! في زمانہ ٻن مسلمانن جي وچ ۾ ڳالهہ ڳالهہ تي جهيڙو جهٽو ۽ فساد نظر اچي رهيو آهي ❖ ڪٿي ذات ۽ قوميت تي جهيڙو ٿيندو نظر اچي ٿو تہ ڪٿي تَعَصُّب جي ڪري لٺ بازي نظر اچي ٿي ❖ ڪٿي دڪاندار ۽ ڪاروباري حصّيدار پاڻ ۾ اٽڪي پيا آهن تہ ڪٿي مالڪ مڪان ۽ ڪرائيدارن ۾ هاٿا پائي ٿيندي نظر اچي رهي آهي. ❖ ڪٿي ڊاڪٽر ۽ مريض هڪ ٻئي سان بي صبري جو مظاهرو ڪندا نظر اچن ٿا تہ ڪٿي نيڪيدار ۽ ملازم پاڻ ۾ وڙهندي نظر اچي رهيا آهن. ❖ ڪٿي پيءُ پٽ هڪ ٻئي سان تڪرار ڪن ٿا تہ ❖ ڪٿي سس ننهن جو جهيڙو نظر اچي پيو. ❖ ڪٿي هڪ پاڙيسري ٻئي کي گاريون ڏيندو نظر اچي رهيو آهي تہ ڪٿي هڪ دوست ٻئي جي عيبن کي کولي، غيبتون ۽ چغليون ڪندو نظر اچي رهيو آهي ❖ ڪٿي دِيني سمجهہ رکڻ وارا هڪ ٻئي جي بِلاوجہ شرعي مخالفت ڪندا نظر اچن ٿا تہ ڪٿي نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارا هڪ ٻئي جي ڳالهين کان ناراض ٿي دِين جي ڪمن ۾ سستي ڪندي نظر اچي رهيا آهن.

الغرض هر پاسي مسلمانن ۾ بغض ۽ ڪينو ۽ حسد وڌي ويو آهي، حالانڪ بغض، ڪينو ۽ حسد هلاڪت ۾ وجهڻ واريون باطني بيماريون آهن،

اچو! پنهنجي دلين ۾ مسلمانن سان گڏ محبت وڌائڻ ۽ بغض ۽ ڪيني کان جان ڇڏائڻ جي لاءِ هڪ روايت ٻڌون ٿا، جيئن

## جنت ۾ وڃڻ وارو عمل

هڪ ڀيري نبين جي تاجدار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابهء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کي فرمايائون: هينئر هن واٽ تان توهان وٽ هڪ جنّتي شخص ايندو. ايتري ۾ هڪ انصاري صحابي آيا، انهن کي پنهنجا جوتا کاٻي هٿ ۾ رکيل هئا ۽ انهن جي ڏاڙهي مان وُضو جو پاڻي ٽمي رهيو هو، انهن حاضر ٿي سلام عرض ڪيو. ٻئي ڏينهن تي پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وري اهو ئي ارشاد فرمايو: ته پوءِ اهي ئي ساڳيا انصاري صحابي پهريان وانگر آيا. ٽئين ڏينهن به ائين ئي ٿيو. حضرت عبدالله بن عَمرو بن العاص رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا اُن صحابي جي پويان ويا ۽ اُنهن وٽ وڃي ڪنهن طريقي سان ٽي ڏينهن تائين ترسڻ جي اجازت وٺي ورتي. پوءِ انهن ٽي راتيون ان انصاري صحابي سان گڏ گذاريون پر انهن کي رات ۾ عبادت ڪندي نه ڏٺائون، ها! جڏهن هو پنهنجي بستر تي پاسو ڦيريندا ها ته الله پاڪ جو ذڪر ڪندا ها ايستائين جو نمازِ فجر جي لاءِ بيهي رهندا هئا. حضرت سيدُنا عبدالله رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا ته مون انصاري صحابي کان چڱي ڳالهه جي علاوه ٻيو ڪجهه نه ٻڌو. جڏهن ٽي ڏينهن پورا ٿيا ته مون چيو: اي الله جا ٻانها! مون رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ٽي ڀيرا اهو فرمائيندي ٻڌو ته هاڻي توهان وٽ هڪ جنّتي شخص ايندو ۽ ٽئي ڀيرا اوهان ئي آيا، تڏهن ئي مون پختو ارادو ڪري ورتو ته مان اوهان جو عمل ڏسندس پر مون اوهان کي ڪو وڏو عمل ڪندي نه ڏٺو. ته پوءِ اوهان کي اهو رتبو ڪئين حاصل ٿيو؟ انهن جواب ڏنو: منهنجو ڪو ٻيو عمل نه آهي بس اهو ئي آهي جيڪو اوهان ڏٺو، ها هڪ ڳالهه اها ضرور آهي ته مان ڪنهن به مسلمان جي لاءِ پنهنجي دل ۾ کوٽ نٿو رکان ۽ جيڪو الله ڪنهن کي ڏنو ان تي حسد نٿو ڪيان.

حضرت سيدُنا عبدالله بن عَمرو رَضِیَ اللهُ عَنْهُما فرمائن ٿا تہ مون ان کي چيو: اهو ئي اهو عمل آهي جنهن اوهان کي بلنديون بخشيون ۽ اسان هن جي طاقت نٿا رکون. (احياء العلوم، ۵۷۱/۳ ملتقطاً)

نیکیوں میں دل لگے ہر دَم، بنا عامِلِ سُنَّت اے نانائے حُسین
میں گُناھوں سے سَدا بچتا رہوں کیجئے رَحمت اے نانائے حُسین
جُھوٹ سے بُغض و حَسَد سے ہم بچیں کیجئے رَحمت اے نانائے حُسین

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچ ئي الله پاڪ جي رِضا ۽ ثواب جي حصول جي لاءِ حسد، ڪينو ۽ بغض و عداوت، جهيڙي جهٽي ۽ نفرتن کي وساري هڪ ٻئي کي ڳلي لڳي وڃڻ گهرجي، هڪ ٻئي سان معافي تلافي ڪرڻ گهرجي، ڇوتہ ربّ ڪريم جي رِضا جي خاطر هڪ ٻئي سان محبت ڪرڻ وارن کي بروزِ قيامت تمام وڏو مقام ۽ مرتبو ملندو.

## قابلِ رشڪ ماڻهو

نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَروَر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: بروزِ قيامت عرش جي چوڌاري نور جا منبر هوندا، ان تي موجود ماڻهن جا لباس ۽ چهرا نوراني هوندا، اهي نہ نبي سڳورا آهن نہ شهيد پر انهن تي نبي سڳورا ۽ شهيد رشڪ ڪندا. صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! انهن جون صفتون بيان فرمايو. ارشاد فرمايائون: هي اهي ماڻهو آهن جيڪي الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ پاڻ ۾ محبت ڪن ٿا، ان جي رِضا لاءِ گڏجي ويهن ٿا ۽ ان جي رِضا جي لاءِ هڪ ٻئي سان ملن ٿا. (مجمع الزوائد، ڪتاب الزهد، باب المتحابين في الله، ۴۹۱/۱۰،حديث: ۱۷۹۹۹ملتقطا)

## نيڪ ڪمن جي ترغيب

اي عاشقانِ رسول! جهيڙي جهٽن کان پيڇو ڇڏائڻ، محبتون وڌائڻ، نفرتون مٽائڻ، مسلمانن ۾ صلح صفائي جو ذهن ۽ حُسنِ اخلاق سان پيش اچڻ جو

جذبو ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ (Attached) ٿي وڃو، پنهنجو ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت ڪڍي ذيلي حلقن جي مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو، هن مدني ماحول ۾ شموليت جي برڪت سان گناهن کان بچيل رهندا، آخرت جي لاءِ نيڪين جو ذخيرو گڏ ٿيندو رهندو، سني صحبت مُيسّر ايندي ۽ سڀ کان وڏيڪ سعادت جي ڳالهہ اها تہ **نيڪ ڪمن تي** عمل جو جذبو نصيب ٿيندو.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! ❖ نيڪ ڪم، عمل جو جذبو وڌائڻ ۽ گناهن کان پيڇو ڇڏائڻ جو بهترين نُسخو آهن. ❖ نيڪ ڪمن تي عمل ڪرڻ جي برڪت سان پاڻ ۾ محبت پيدا ٿيندي آهي. ❖ نيڪ ڪمن تي عمل ڪرڻ جي برڪت سان لڙائي جهيڙي ۽ دل آزاريءَ جهڙن گناهن کان بچڻ جو جذبو نصيب ٿيندو آهي. ❖ نيڪ ڪمن تي عمل جي برڪت سان مسلمانن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو جذبو بيدار ٿيندو آهي. ❖ نيڪ ڪمن تي عمل ڪرڻ جي برڪت سان فڪرِآخرت جو ذهن بڻجندو آهي. ❖ نيڪ ڪمن تي عمل جي برڪت سان نمازن جي پابندي ۽ ٻين نيڪ عملن جو ذوق وشوق پيدا ٿيندو آهي. ❖ نيڪ ڪمن تي عمل ڪرڻ وارن سان اَميرِاَهلسُنّت، باني دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تمام گهڻو خوش ٿيندا آهن ۽ انهن کي دُعائن سان نوازيندا آهن. انهيءَ نيڪ ڪمن مان **نيڪ ڪم** نمبر 52 ۾ آهي: **ڇا اوهان هن هفتي اجتماع کان فوراً بعد پاڻ اڳتي وڌي انفرادي ڪرشش ڪندي نَوَن نَوَن اسلامي ڀائرن سان ملاقات جو شرف حاصل ڪري انهن جو نالو ۽ پتو ۽ فون نمبر حاصل ڪيو**؟(گهٽ مان گهٽ چار سان ملاقات ۽ گهٽ مان گهٽ هڪ جو پتو وغيره ضرور وٺو پوءِ انهن سان رابطو بہ رکو)

تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جي لاءِ اِنفرادي ڪوشش جي سعادت حاصل ڪريون ۽ پنهنجي آخرت جي بهتري جي لاءِ نيڪين جو خزانو گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃون. اِنفرادي ڪوشش ڪرڻ جي برڪت سان ڪهڙيون ڪهڙيون بهارون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، اچو! هن جي باري ۾ هڪ مدني بهار ٻڌو: جيئن

## گناهن جو مريض عالِم بڻجي ويو

پنجاب، پاڪستان جو هڪ اسلامي ڀاء دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان فلمون ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ، بدنگاهي ڪرڻ، والدين جي نافرماني ڪرڻ، ڳالهہ ڳالهہ تي هر ڪنهن کي دڙڪا ڏيڻ جهڙن گناهن جو عادي هو، هڪ ڏينهن ان جي هڪ ڪلاس فيلو اسلامي ڀاءُ ان تي **اِنفرادي ڪوشش ڪندي** ان کي دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، تہ هو اجتماع ۾ شريڪ ٿيو. جڏهن اتي جا روح پرور منظر ڏٺا تہ ان جي دل کي وڏي فرحت ملي خاص ڪري اجتماع کان پوءِ اسلامي ڀائرن جي پاڻ ۾ ملاقات جي انداز تہ ان کي حيران ڪري ڇڏيو تہ نہ پاڻ ۾ جاڻ سڃاڻ، نہ ئي ڪا رشتيداري ان جي باوجود هڪ ٻئي کان ڪيتري پُرجوش انداز ۾ مرڪي مصافحو ۽ ڳلي ملي رهيا آهن، ان تي گهڻو اثر ٿيو ۽ هو پابندي سان هفتيوار اجتماع ۾ شريڪ ٿيڻ لڳو ۽ اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان بيعت ٿي سندن جي نگاهہ جي برڪت سان نہ صرف گناهن ڀري زندگي کان توبہ ڪئي بلڪ پنهنجي والدين کان اجازت وٺي پنجاب کان ڪراچي اچي ويو ۽ دعوتِ اسلامي جي ”جامعة المدينہ“ ۾ داخلو وٺي علمِ دين حاصل ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو ۽ عالم ڪورس(يعني درسِ نظامي) مڪمل ڪري ورتو، ان جي خوش نصيبي ڏسو اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مُبارڪ هٿن سان ان جي مٿي تي دستارِ فضيلت سجائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! **اسان خوش قسمت ڪير؟** جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين، يقيناً خوش قسمت آهن اهي ماڻهو جيڪي جنت جي ابدي نعمتن کي پيشِ نظر رکندي دنيا جي عارضي تڪليفن تي صبر ڪندي، رات جي تنهائين ۾ اتي نيڪ عمل ڪن ٿا مشقتن کي برداشت ڪن ٿا. اهڙن خوش نصيبن کي مبارڪ هجي تہ ربّ ڪريم انهن کي ڪوڙ انعامن سان نوازيندو ۽ اهڙن خوش نصيبن جي لاءِ ربّ ڪريم طرح طرح جون نعمتون تيار ڪري رکيون آهن:

## سون جو محل

مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”عُيون الحڪايات“ حصو ہہ صفحي 252 تي آهي تہ حافظ مُطَهّر سَعدِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نهايت متقي ۽ پرهيز گار هئا، مسلسل سٺ (60) سالن تائين الله پاڪ سان ملاقات جي شوق ۾ لڙڪ وهائيندا رهيا. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ رات مون پنهنجو پاڻ کي خواب ۾ هڪ اهڙي نهر جي ڪناري ڏٺو جنهن ۾ بهترين مُشڪ وهي رهيو هو. ان جي ٻنهي ڪنارن تي انتهائي قيمتي موتي وکريل هئا. پوءِ مون سون جي سرن سان ٺهيل محل ڏٺو. جنهن ۾ خوبصورت ڇوڪريون بهترين لباس ۽ زيورات سان سينگارجي وڏي آواز ۾ ربّ ڪريم جي پاڪي بيان ڪري رهيون هيون، مون جڏهن انهن جي تسبيح ٻڌي تہ پڇا ڪئي: توهان ڪير آهيو؟ انهن خوبصورت آواز ۾ چيو: اسان ربّ ڪريم جي مخلوق مان هڪ مخلوق آهيون. مون چيو: توهان هتي ڇا پيون ڪريو؟ انهن چيو: ربّ ڪريم اسان کي انهن ماڻهن جي لاءِ پيدا فرمايو آهي جيڪي رات جو قيام ڪن ٿا ۽ پنهنجي ربّ سان مناجات ڪن ٿا جڏهن تہ ماڻهو سمهي رهيا هوندا آهن. مون چيو: **اهي خوش قسمت ماڻهو ڪير آهن؟** جن جون اکيون ربّ ڪريم توهان سان ٺڏيون ڪندو، انهن چيو: ڇا توهان انهن ماڻهن کي نٿا سڃاڻو؟ مون چيو نہ. چيائون: بيشڪ هي اهي ماڻهو آهن، جيڪي قرآن جي تلاوت ڪن ٿا، تهجد پڙهن ٿا ۽ ڏينهن جو روزو رکن ٿا. اهڙن ئي خوش نصيب عبادت گذارن جي لاءِ الله ڪريم اسان کي پيدا فرمايو آهي. (عيون الحکايات،۲/۲۵۲،ملخصا)

سُبۡحٰنَ الله! ڪيترا خوش قسمت آهن اهي ماڻهو جيڪي رات جي تنهائي ۾ پنهنجي ربّ ڪريم کي ياد ڪن ٿا. ڪيترا خوش قسمت آهن اهي ماڻهو جيڪي فرض روزن سان گڏوگڏ نفل روزا پابندي سان رکن ٿا. ڪيترا خوش قسمت آهن اهي ماڻهو جيڪي نمازِ تهجد ادا ڪن ٿا. ڪيترا خوش قسمت آهن اهي ماڻهو جيڪي روزانو تلاوتِ قرآن ڪن ٿا. ڪيترا خوش قسمت آهن اهي

ماڻهو جيڪي رات جو جاڳي عبادت ڪن ٿا. پر افسوس! اڄوڪي دور ۾ اسان جو هڪ تعداد اهڙو آهي جيڪو راتين جو دير تائين جاڳي ڪڏهن فلمن ڊرامن ۾ پنهنجو وقت برباد ڪندو آهي ته ڪڏهن موبائل فون تي ڪال پيڪجز جي ذريعي پنهنجي قيمتي لمحات کي گناهن ۾ گذاريندو آهي، ڪڏهن سوشل ميڊيا تي سڄي سڄي رات بيهوده ۽ فضول گفتگو ڦهلائيندي پنهنجو ۽ دوستن جو وقت برباد ڪندو آهي. ان ۾ اڪثريت ان ماڻهن جي هوندي آهي جن کي نه نمازن جو ڪو فڪر هوندو آهي ۽ نه قرآن پڙهڻ ايندو آهي ۽ جن کي قرآن پڙهڻ به اچي ٿو ته هو به مهينن تائين قرآنِ ڪريم جي زيارت نٿا ڪن، ان کي هٿ نٿا لڳائن بلڪ پنهنجي نفس کي هن طرح ڪوڙا دلاسا ڏيندا آهن ته رمضان ۾ نمازن جي ڪثرت ڪنداسين، رمضان ۾ رات جو نفل پڙهنداسين، رمضان ۾ خوب تلاوت ڪنداسين، رمضان ۾ صبح و شام هڪ هڪ سيپارو پڙهنداسين، حالانڪ اهو ڄاڻيو ٿا ته اسان جي زِندگي جي هڪ هڪ گهڙي وڏي قيمتي آهي ۽ اسان جي زِندگي هر گهڙي تيزي سان گهٽجندي پئي وڃي، اسان موت جي ويجهو ٿيندا پيا وڃون پر اسان پوءِ به سستي جو مظاهرو ڪندا آهيون ۽ پنهنجي نفس کي ڪوڙا دلاسا ڏيندا آهيون.

اي عاشقانِ رسول! عقلمندي جو ثبوت ڏيندي هن فاني دُنيا جي ڌوڪي ۾ مبتلا ٿي پنهنجي قيمتي لَمحَات جي ناقدري ڪرڻ جي بدران تَقويٰ ۽ پرهيزگاري اپنائڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃڻ گهرجي، پنهنجي ڏينهن رات کي فُضُولِيات ۽ دُنيوي عَيش وعشرت ۾ برباد نه ڪريو، بلڪ نمازن جي پابندي ۽ روزانو ڪجھ نه ڪجھ تلاوتِ قرآنِ ڪريم جي عادت بڻايو ۽ الله ڪريم جن ڪمن جو حڪم ڏنو آهي انهن جي ادائيگي ۾ سُستي نه ڪريو ۽ نيڪين ۾ مشغول ٿي وڃو، ڇوته نيڪي جي ڪمن ۾ ڪوشش ڪرڻ وارن جي باري ۾ الله ڪريم سيپاري 17سُورهءِ انبياء آيت نمبر 94 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَا كُفْرَانَ لِسَعْيِهٖ ۚ وَ اِنَّا لَهٗ كٰتِبُوْنَ ﴿۹۴﴾
(پ۱۷،الانبياء:۹۴)

ترجمو: ۽ جيڪو ڪي بہ چڱا ڪم ڪري ۽ هجي ايمان وارو تہ پوءِ ان جي ڪوشش جي بيقدري نہ ٿيندي ۽ اسان ان کي لکي رهيا آهيون

هن آيت سڳوري مان معلوم ٿيو تہ ربّ ڪريم جي بارگاھ ۾ عالي حسب نسب، مال و دولت ۽ عزت ۽ شهرت وارو خوش قسمت نہ آهي بلڪ خوش قسمت اهو آهي جيڪو چاهي ڪنهن بہ قبيلي ۽ قوم سان تعلق رکندو هجي، گوري رنگت وارو هجي يا ڪاري رنگت وارو، دولت مند هجي يا مفلس ۽ غريب، مرد هجي يا عورت، جيڪڏهن اهو ايمان وارو آهي، نيڪ عمل ڪري ٿو ۽ ربّ ڪريم جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ ڪوشش ڪري ٿو، اهو ئي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب آهي.

## مجلس مَدَني مُذاڪره

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ڀڏو حقيقي خوش قسمت اهي ئي آهن جيڪي پنهنجي ربّ ڪريم جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪندا، رب جي حرام ڪيل شين ۽ گناهن کان بچندا آهن، لھٰذا گناهن کان بچڻ، نيڪين جو جذبو ماڻڻ، سُنّتن کي اپنائڻ ۽ ربّ ڪريم جي نافرماني وارن ڪمن کان بچڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، اَلْحَمْدُ لِله! دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ خدمتِ دين جي 107 شعبن ۾ سُنّتن جون ڌومون مچائي رهي آهي، جن مان هڪ شعبو "مجلس مَدَني مذاڪره" بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِله! شَيخِ طريقت، اميرِاهلسُنَّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **علم بيشُمار خزانن جو مجموعو آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو سُوال آهي.** جي قول کي عملي جامو پارائيندي مدني مذاڪري جو سِلسلو شُروع ڪيو جيڪو 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم بہ آهي، جنهن کي دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ "مَدَني

مُذاڪره“ چيو ويندو آهي. عاشِقانِ رسول مَدَني مُذاڪرن ۾ عقائد و اَعمال، فضائِل و مَنَاقِب، شريعت و طريقت، تاريخ وسيرت، سائنس وطِبّ، اَخلاقيات ۽ اِسلامي معلومات، معاشي، سماجي، تنظيمي معاملن ۽ بين ڪافي موضوعن جي باري ۾ مختلف قسم جا سوال ڪندا آهن ۽ شيخ طريقت، اَميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه انهن کي حڪمت ڀريا ۽ عشقِ رسول سان لبريز جوابن سان نوازيندا آهن.

”مجلس مَدَني مذاڪره“ جي تحت اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي انهن عطا ڪيل دِلچسپ ۽ عِلم وحڪمت سان ڀرپور مَدَني گلن جي خُوشبوئن سان سڄي دُنيا جي مُسلمانن کي مهڪائڻ جي لاءِ انهن مَدَني مُذاڪرن کي تحريري رِسالن، ۽ ميموري ڪارڊز (MemoryCards) جي صُورت ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش جاري آهي. اهو سڀ ڪجهه ۽ اميرِ اهلسنّت بابت گهڻو ڪجهه ڄاڻڻ جي لاءِ www.ilyasqadri.com وِزٽ ڪريو. اللّٰه پاڪ دعوتِ اسلامي جي تمام مجلسن کي برڪتون ۽ ترقيون عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِىِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي حُسنِ سلوڪ بابت ڪجهه معلوماتي ڳالهيون بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. پهريان 2 فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ ڪريو: (1) فرمايائون: هر حُسنِ سُلُوڪ (Politeness) صدقو آهي غني سان ڪريو يا فقير سان. (مجمع الزوائد ، كتاب الزكوٰة ، باب كل معروف صدقة ، ۳۳۱/۳، حديث: ۴۷۵۴) (2) فرمايائون: جيڪو اللّٰه ۽ قيامت تي ايمان رکي ٿو ان کي گهرجي ته صِلَهَ رِحمي (رشتيدارن سان سٺو ورتاؤ) ڪري. (بخاري،۴/ ۱۳۶ ، حديث: ۶۱۳۸)

❖ قرآن واحاديث ۾ اسان کي والدين، رشتيدارن، يتيمن، مسڪينن، قريبي ۽ ڀري جي پاڙيسرين ۽ مسافرن سان حُسنِ سُلُوڪ ۽ ڀلائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ❖ حُسنِ سُلُوڪ سان پيش اچڻ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ

والِہٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ سنت آهي. ❖ حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ ۾ والدين جو مرتبو سڀ کان وڌيڪ آهي. (ردالمحتار، ۹/ ۶۷۸ ملخصاً) ❖ حُسنِ سُلُوڪ جون مختلف صورَتون آهن، هدِيو ۽ تحفو (Gift) ڏيڻ ۽ جيڪڏهن انهن کي ڪنهن ڪم ۾ مدد درڪار هجي ان ڪم ۾ انهن جي مدد ڪرڻ، انهن کي سلام ڪرڻ، انهن جي ملاقات لاءِ وڃڻ، انهن وٽ ويهڻ اُٿڻ، انهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ، انهن سان لُطف ۽ مهرباني سان پيش اچڻ. (دُرَر، ۳۲۳/۱ملخصاً) ❖ حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ الله عَلَيه فرمائن ٿا: (حُسنِ سُلُوڪ ۾ اهو بہ شامل آهي تہ) عام مسلمانن سان ملاقات ۾ دوستي ظاهر ڪري، ❖ انهن جي رَنج و غم ۾ شريڪ رهي ❖ انهن جي دعوت ۾ شرڪت ڪري، ❖ انهن کي سٺن لقب ۽ چڱن نالن سان پڪاري، ❖ انهن کي ڀلائي سان ياد ڪري، ❖ ضرورت جي وقت سٺو مشورو ڏئي، ❖ مصيبت جي وقت انهن جي ڪم اچي، (تفسير نعيمي، ۴۴۹/۱ ملخصاً) ❖ امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه جن فرمايائون: ياد رکو! جيڪڏهن توهان ماڻهن سان حُسنِ سُلُوڪ سان پيش نہ آيؤ تہ هو توهان جا دشمن بڻجي ويندا توڙي جو اهي توهان جا ماءُ پيءُ ئي ڇو نہ هجن. (امام اعظم کي وصيتين،ص ۲۵) ❖ حضرت سيدناامامِ اعظمرَحْمَةُ اللهِ عَلَيه جن فرمايو: جڏهن توهان ماڻهن سان سٺو ورتاؤ ڪندؤ تہ هو تنهنجي ماءُ پيءُ جيان ٿي ويندا، توڙي جو تنهنجي ۽ انهن جي وچ ۾ ڪو رشتو ناطو نہ هجي. (امام اعظم کي وصيتين،ص ۲۶) ❖ اولياءالله پنهنجي برائين ڪرڻ وارن بلڪ جاني دشمن سان بہ حُسنِ سلوڪ ڪندا آهن. (غيبت کي تباه ڪاريان، ص۳۴۲ ماخوذاً) ❖ حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ سان الله پاڪ جي رِضا حاصل ٿيندي آهي. ❖ حُسنِ سُلُوڪ ماڻهن جي خوشي جو سبب آهي. ❖ حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ سان ملائڪن کي خوشي ٿيندي آهي. ❖ حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ سان مسلمانن جي طرفان ان شخص جي تعريف ٿيندي آهي. ❖ حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ سان شيطان کي ان سان رَنج پهچندو آهي. ❖ حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ سان عمر وڌندي آهي. ❖ حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ سان رِزق ۾ برڪت ٿيندي آهي. (تَنبيه الغافِلين، ص ۷۳ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتين اور آداب**"**اميرِ اهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا ۾ رسالا "**101 مدني گل**" ۽ "**163 مدني گل**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اِنْ شَآءَ الله آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع جي بيان جو موضوع هوندو: "فيضانِ صفرالمظفر" عام طور صفر مهيني ۾ بدشگونين جو سلسلو وڌي ويندو آهي، انهيءَ مناسبت سان بدشگونيءَ جي رد تي ڪجهه ڳالهيون بيان ڪيون وينديون. اهڙي طرح صفر مهيني ۾ ڪهڙا عظيم الشان واقعا ظاهر ٿيا اهو به بيان ڪيو ويندو. صفر مهيني جي باري ۾ اسلامي تعليمات ڪهڙي آهي؟ هن باري ۾ به ڪجهه بيان ڪيو ويندو. لهٰذا! آئنده جمعرات به اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ اِنفرادي ڪوشش ڪري ٻين ڪي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين ھو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناھ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

3...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

## (4) ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف ڪي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[1]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَہٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي.[3]

---

[1]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3]... الترغيب والترھيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1 ... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305